# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1988

# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1988

# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[31 آگسٽ 1988]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 جي دفعہ 2 جي شق (u) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>"(u) 'يونيورسٽي' جڏهن بورڊس جي حوالي سان ڪراچيءَ لاءِ استعمال ٿيندو تہ ان جو مطلب ڪراچي يونيورسٽي، جڏهن حيدرآباد ۾ بورڊ جي حوالي سان استعمال ڪيو وڃي، تہ ان جو مطلب سنڌ يونيورسٽي ۽ جڏهن سکر جي بورڊ جي حوالي سان استعمال ڪيو وڃي تہ ان جو مطلب شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.<br><br>**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972 |